SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIII مجريہ 2014

# SINDHACT NO.XXIII OF 2014

# سنڌ ٽوبرڪلوسز نوٽيفڪيشن ايڪٽ، 2014

# THESINDH TUBERCULOSIS NOTIFICATIONACT, 2014

## فهرست(CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌ ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2. وصفون

Definitions

حصو_II

ٽوبرڪلوسز ڪيس نوٽيفڪيشن، رڪارڊ رکڻ ۽ تعليمي پهچ

Tuberculosis case Notification, Record Keeping and Educational Outreach

3. نوٽيفڪيشن فارمن جي ڊولپمينٽ ۽ ورهاست

Development and Distribution of notification form

4. نوٽيفڪيشن جو طريقيڪار

Method of Notification

5. ميڊيڪل پريڪٽيشنرز ۽ پرائيويٽ ڪلينڪن ۽ اسپتالن جي انچارجن جون ذميداريون

Duties of Medical Practitioners and those in charge of private clinics and hospitals

6. رجسٽرڊ پريڪٽيشنرز ۽ روايتي صحت جون خدمتون فراهم ڪندڙن جون ذميواريون

Duties of registered Practitioners and Traditional Healthcare provider

7. مريض کي پيٿالاجيڪل ليباريٽري مان ٽوبرڪلوسز جو نوٽيفڪيشن

Notifications of Tuberculosis a patient a pathological laboratory

8. ڍڪيل احاطن جي انچارن جون ذميواريون

Duties of those in charge of covered premise

9. ڪميونٽي نمائندي جون ذميواريون

Duties of a community representative

حصو _III

عملدرآمد جون گنجائشون

Implementation Provisions

10. نوٽيفڪيشن جو طريقيڪار

Process of Notification

11. ضلعي هيلٿ آفيسر جا اختيار ۽ ڪم

Power and functions District Health Office

12. صوبائي پروگرام جا اختيار ۽ ڪم

Power and functions of Provincial Program

13. آن لائن ٽي بي نوٽيفڪيشن سرشتو ۽ يو اي اين
Online TB Notification System and UAN

حصو - IV

دائره اختيار، منظوريون ۽ اپيلون

Jurisdiction, Sanctions and Appeals

14. ڏنڊ
Penalty
15. ڏوهہ جو ازالو
Cognizance of offence
16. دائره اختيار
Jurisdiction
17. رازداري جي ڀڃڪڙي
Breach of confidentiality
18. ثبوت جو بار
Burden of proof
19. اپيل
Appeal

حصو - V

متفرق گنجائشون

Miscellaneous Provisions

20. استثنيٰ
Indemnity
21. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

شيڊول

Schedule

فارم_اي

Form_A

فارم_ بي

Form_B

فارم_سي

Form_C

فارم_ڊي

Form_D

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXIII مجريه 2014

# SINDH ACT NO.XXIII OF 2014

# سنڌ ٽيوبرڪلوسز نوٽيفڪيشن ايڪٽ، 2014

# THE SINDH TUBERCULOSIS NOTIFICATION ACT, 2014

[22 ڊسمبر 2014]

ايڪٽ جنهن ذريعي ٽيوبرڪلوسز نوٽيفڪيشن فارمز ڀرڻ وارا هر رجسٽرڊ ميڊيڪل پريڪٽشنر، پرائيويٽ ڪلينڪ، پرائيويٽ اسپتال، رجسٽرڊ پريڪٽيشنر، ڪميونٽي ليڊر ۽ حد ۾ ڪم ڪندڙ ڊيڪل احاطي جي انچارج کي ٽي بي نوٽيفڪيشن فارمن جون نقل ورهايون وينديون؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ٽيوبرڪلوسز نوٽيفڪيشن فارمز ڀرڻ ۽ هر رجسٽرڊ ميڊيڪل پريڪٽشنر، پرائيويٽ ڪلينڪ، پرائيويٽ اسپتال، رجسٽرڊ پريڪٽشنر، ڪميونٽي ليڊر ۽ حد ۾ ڪم ڪندڙ ڊيڪل احاطي جي انچارج کي ٽي بي نوٽيفڪيشن فارمن جون نقل ورهائڻ ۽ لاڳاپيل معاملن کي هلائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، واڌ ۽

1.(1)هن ايڪٽ کي سنڌ ٽيوبرڪلوسز نوٽيفڪيشن

| شروعات<br>Short title, extent and commencement | ايڪٽ، 2014 سڏيو ويندو.<br>(2)ان جي پوري صوبي سنڌ تائين توسيع ڪئي ويندي.<br>(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو. |
|---|---|
| وصفون<br>Definitions | 2.هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهه مقصد ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين: |
| | (i)"ڪميونٽي نمائندو" مان مراد هڪ شخص جيڪو برادري جي نمائندگي ڪري ۽ جنهن ۾ شامل آهن ڪائونسلرز، قبيلائي اڳواڻ ۽ ٻيا چونڊيل، مقرر ڪيل ۽ خانداني برادريءَ جا اڳواڻ؛ |
| | (ii)"ڍڪيل جڳهہ" مان مراد هڪ اهڙي جڳهہ جتي ڪنهن شخص کي ڊگهي عرصي کان ڪنهن بيماري ۾ وچڙڻ جو خطرو هجي جنهن ۾ تعليمي ادارا، صنعتي جڳهون، ڪاٽون، جيل، مدرسا ۽ پناهہ گير ڪيمپون شامل آهن؛ |
| | (iii)"ضلعي صحت عملدار" مان مراد ضلعي ۾ ضلعي صحت عملدار؛ |
| | (iv)"فارم" مطلب شيڊول ۾ فراهم ڪيل ٽيوبرڪلوسز نوٽيفڪيشن فارم؛ |
| | (v)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛ |
| | (vi)"ليبارٽري" مطلب انساني بيمارين جون ٽيسٽون ڪندڙ پيٿالاجيڪل ليبارٽري؛ |

(vii)"ليباريٽري انچارج" مطلب ليباريٽري جو مالڪ ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهو شخص جيڪو ليباريٽري ۾ ٽيسٽون وٺندو هجي؛

(viii)"مقامي عوامي صحت جي سهولت" مطلب ۽ جنهن ۾ شامل آهن:

(a)بنيادي سار سنڀال جي اسپتال؛

(b)ضلعي هيڊ ڪوارٽر اسپتال؛

(c)تعلقي هيڊ ڪوارٽر اسپتال؛

(d)سول اسپتال؛

(e)ٻهراڙي صحت مرڪز؛

(f)ٽي بي مريض جي رهائشي ضلعي ۾ واقع بنيادي صحت جو ايڪو (Basic Health Unit)؛

(g)ڊسپينسريز؛

(ix)"ميڊيڪل پريڪٽيشنر" مطلب هڪ شخص جيڪو پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل آرڊيننس (1962 جي XXXII) تحت رجسٽرڊ ٿيل آهي؛

(x)"قومي پروگرام" مطلب پاڪستان لاءِ نيشنل ٽوبرڪلوسز ڪنٽرول پروگرام؛

(xi)"نوٽيفاءِ" مطلب ضلعي صحت عملدار يا مقامي عوامي صحت سهولت کي مريض يا متاثر مريض جو هن ايڪٽ

تحت جوڙيل طريقيڪار تحت نوٽيس؛

(xii) ”مريض“ مطلب مائڪرواسڪوپ جانچ پڙتال ذريعي تصديق ٿيل ٽيوبرڪلوسز جو مريض (+اي ايف بي ايسڊ فاسٽ بلوسز) يا ڪلچر ٽيسٽ نتيجو جيڪو جسم جي پاٽياٿ يا ٽشوز ۾ مائڪوبيڪٽيريم ٽوبر ڪلوسز جي تصديق ڪندو هجي يا ريڊيولاجيڪل جاچ پڙتال جي بنياد تي ثابت ٿيل ٽي بي جو مريض؛

(xiii) ”احاطي جو انچارج“ مطلب شخص جيڪو اداري جي سربراهه طور خدمت ڪري رهيو هجي يا اهو جنهن وٽ احاطي جي معاملن ۽ انتظامن جو ضابطو هجي، جتي ڏگهي وقت لاءِ گهٽي انگ ۾ ترسڻ ٿيندو هجي؛

(xiv) ”بيان ڪيل“ مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(xv) ”صوبائي پروگرام“ مطلب سنڌ ٽوبرڪلوسز ڪنٽرول پروگرام؛

(xvi) ”رجسٽرڊ پريڪٽيشنر“ مطلب اهو شخص جيڪو يوناني ايورويدڪ اينڊ هيوميوپيٿڪ پريڪٽيشنرز ايڪٽ (1965 جي II) جي دفعه 24 تحت رجسٽرڊ هجي؛

(xvii) ”شيڊول“ مطلب هن ايڪٽ جو شيڊول؛

(xviii) ”شڪي مريض“ مطلب اهو شخص جنهن جي ٽوبر ڪلوسز هجڻ جو شڪ هجي، جنهن کي کنگهه ۽ بخار جون نشانيون ٻن هفتن کان وڌيڪ عرصي کان هجن، بنا ڪنهن

| | |
|---|---|
| | متبادل وضاحت جي؛ ۾<br>(xix)"روايتي هيلٿ ڪيئر فراهم ڪندڙ" مطلب اهو شخص جيڪو مريضن جو علاج روايتي ۾ روحاني طريقا استعمال ڪندي ڪندو هجي ۾ جنهن ۾ روحاني علاج ڪندڙ۽ حڪيم به شامل آهن. |
| حصو_II | حصو_ II |
| ٽوبرڪلوسز ڪيس نوٽيفڪيشن، رڪارڊ رکڻ ۽ تعليمي پهچ<br>Tuberculosis case Notification, Record Keeping and Educational Outreach | ٽيوبر ڪلوسز ڪيس نوٽيفڪيشن، رڪارڊ رکڻ ۽ تعليمي پهچ<br>Part_II<br>Tuberculosis Case Notification, Record Keeping and Educational Outreach |
| نوٽيفڪيشن فارمن جي ڊولپمينٽ ۽ ورهاست<br>Development and Distribution of notification form | 3.صوبائي پروگرام فارمز ٺاهيندو ۽ ان جا نقل ان سلسلي ۾ ضلعي صحت عملدار کي فراهم ڪندو جيڪو لاڳاپيل فارم جا نقل هر ميڊيڪل پريڪٽيشنر، نجي ڪلينڪ، نجي اسپتال، رجسٽرڊ پريڪٽيشنرز برادري اڳواڻ ۽ دائره اختيار اندر ڏڪيل احاطي جي انچارج ۾ ورهائيندو جيئن ضروري هجي. |

**نوٽيفڪيشن جو طريقيڪار**
**Method of Notification**

4.(1) ڪو بہ شخص نوٽيفڪيشن جي گھرجن تي هٿون هٿ يا رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي فارم ضلعي صحت عملدار يا لوڪل پبلڪ هيلٿ فيسلٽي اماڻي سگھي ٿو.

(2)حڪومت جي آن لائين ٽي بي نوٽيفڪيشن سسٽم جي ايڪٽيويشن تي عمل ڪندي ڪو شخص نوٽيفڪيشن جون گھرجون ٽي بي نوٽيفڪيشن فارم آن لائين پري مڪمل ڪري سگھي ٿو.

(2)حڪومت طرفان قائم ڪيل يونيورسل اسيس نمبر تي عمل ڪندي ڪو شخص ٽيليفون ذريعي مخصوص ٽي بي نوٽيفڪيشن فارم جون گھرجون پوريون ڪري سگھي ٿو.

**ميڊيڪل پريڪٽيشنرز ۽ پرائيويٽ ڪلينڪن ۽ اسپتالن جي انچارجن جون ذميداريون**
**Duties of Medical Practitioners and those in charge of private clinics and hospitals**

5. (1) مريض جي چڪاس جي هڪ هفتي اندر، هڪ رجسٽرڊ ميڊيڪل پريڪٽيشنر مڪمل نوٽيفڪيشن فارم جيئن نوٽيفڪيشن فارم-A ۾ فراهم ڪيو ويو آهي، اهو ضلعي صحت عملدار يا لوڪل پبلڪ هيلٿ فيسلٽي کي جمع ڪرائيندو.

(2)ميڊيڪل پريڪٽيشنر پنهنجي علاج هيٺ مريض جو رڪارڊ ٻن سالن جي عرصي تائين رکندو.

(3)ميڊيڪل پريڪٽيشنر پنهنجي علاج هيٺ مريض جي ويجهن مائٽن کي ٽي بي جي ڦهلاءَ کان بچاءَ جا طريقا ٻڌائيندو.

(4)ميڊيڪل پريڪٽيشنر مريض کي لوڪل پبلڪ هيلٿ فيسلٽي ذريعي مفت تشخيص ۽ علاج جون

سهولتون حاصل ڪرڻ کان آگاهہ ڪندو.

(5)ميڊيڪل پريڪٽيشنر پنهنجي نظرداري هيٺ ٽيوبر ڪلوسز مريض جي فوتگي جي هڪ هفتي اندر ضلعي صحت عملدار يا لوڪل پبلڪ هيلٿ فيسلٽي وارن کي آگاهہ ڪندو.

(6)جيڪڏهن مريض رهائش تبديل ڪري ٿو تہ ميڊيڪل پريڪٽيشنر مريض جي جڳهہ جي تبديلي بابت ضلعي صحت عملدار يا لوڪل پبلڪ هيلٿ فيسلٽي وارن کي آگاهہ ڪندو.

(7)ميڊيڪل پريڪٽيشنر نوٽيفڪيشن جي گهرجن، ٽيوبرڪلوسز جي نشانين ۽ ٽيوبر ڪلوسز جي ڦهلاءَ کان بچاءَ جي اپائن جو پوسٽر اهڙي هنڌ تي لڳائيندو جتي مريضن کي نظر اچي سگهي.

(8)اهو شخص جيڪو ڪلينڪ يا اسپتال جا معاملا يا انتظام سنڀاليندو هجي، جتي هڪ ڊاڪٽر کان وڌيڪ ڪم ڪندا هجن، اهو هن دفعہ جي گنجائشن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائيندو.

رجسٽرڊ پريڪٽيشنرز ۽ روايتي صحت جون خدمتون فراهم ڪندڙن جون

6.(1)رجسٽرڊ پريڪٽيشنر يا روايتي صحت جون سهولتون فراهم ڪندڙ فارم B ۾ فراهم ڪيل مڪمل فارم ضلعي صحت عملدار يا لوڪل پبلڪ هيلٿ فيسلٽي کي اماڻي آگاهہ ڪندو.

(2)رجسٽرڊ پريڪٽيشنر يا روايتي صحت جون سهولتون

ذميواريون

Duties of registered Practitioners and Traditional Healthcare provider

فراهم ڪندڙ پبلڪ هيلٿ فيسلٽيز ذريعي مفت تشخيص ۽ علاج جون سهولتون ميسر هئڻ بابت آگاهه ڪندو.

(3)رجسٽرڊ پريڪٽيشنر يا روايتي صحت جون سهولتون فراهم ڪندڙ مريض کي ٽيوبر ڪلوسز جي ڦهلاءَ کان بچاءَ جون حڪمت عمليون ٻڌائيندو.

(4)رجسٽرڊ پريڪٽيشنر يا روايتي صحت جون سهولتون فراهم ڪندڙ نوٽيفڪيشن جي گهرجن، ٽيوبرڪلوسز جي نشانين ۽ ٽيوبر ڪلوسز جي ڦهلاءَ کان بچاءَ جي اپائن جو پوسٽر اهڙي هنڌ تي لڳائيندو، جتي مريضن کي نظر اچي سگهي.

مريض کي پيٿالاجيڪل ليبارٽري مان ٽوبرڪلوسز جو نوٽيفڪيشن

Notifications of Tuberculosis a patient a pathological laboratory

7.(1) جڏهن ڪا ليبارٽري ڪنهن فرد جي نموني ۾ ٽيوبر ڪلوسز ٽيسٽ جو نتيجو هاڪاري ڏسي ٿي ته ليبارٽري انچارج فارم C ۾ فراهم ڪيل مڪمل فارم ضلعي صحت عملدار يا لوڪل پبلڪ هيلٿ فيسلٽي کي اماڻيندو.

(2)پيٿالاجيڪل ليبارٽري انچارج ٽيوبرڪلوسز مريضن جي ٽيسٽن جا نتيجا ۽ ٻن سالن جي عرصي جا سپورٽنگ سلائيڊز سنڀاليندو.

ڊيڪل احاطن جي

8.(1) ڊيڪل احاطي جو انچارج مريض جي رهائش، ڪم يا پڙهائي واري هنڌ بابت ضلعي صحت عملدار يا لوڪل

پبلڪ هيلٿ فيسلٽي کي آگاهہ ڪندو.

انچارن جون ذميواريون

Duties of those in charge of covered premise

(2)رجسٽرڊ پريڪٽيشنر يا روايتي صحت جون سهولتون فراهم ڪندڙ مريض کي ٽيوبرڪلوسز جي ڦهلاءَ کان بچاءَ جي حڪمت عملين کان آگاهہ ڪندو.

(3)ڍڪيل احاطي جو انچارج نوٽيفڪيشن جي گهرجن، ٽيوبرڪلوسز جي نشانين ۽ ٽيوبر ڪلوسز جي ڦهلاءَ کان بچاءَ جي اپائن جو پوسٽر اهڙي هنڌ تي لڳائيندو جتي مريضن کي نظر اچي سگهي.

ڪميونٽي نمائندي جون ذميواريون

Duties of a community representative

9.(1)مريض بابت ڄاڻ تي برادري جو چڱو مڙس فارم D ۾ ڄاڻايل فارم جي مڪمل نقل ضلعي صحت عملدار يا لوڪل پبلڪ هيلٿ فيسلٽي کي فراهم ڪندو.

(2)برادريءَ جو چڱو مڙس مريض کي لوڪل پبلڪ هيلٿ فيسلٽي ذريعي مفت تشخيص ۽ علاج جي خدمتن کان آگاهہ ڪندو.

حصو_III

عملدرآمد جون گنجائشون

Implementation Provisions

## حصو_III

## عملدرآمد جون گنجائشون

## Part_III

## Implementation Provisions

نوٽيفڪيشن جو طريقيڪار

10.هن ايڪٽ تحت مريض کي ڄاڻائڻ لاءِ ذميوار شخص، بيان ڪيل فارم ڀريندو ۽ ان کي رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي يا

هٿون هٿ ضلعي صحت عملدار يا لوڪل پبلڪ هيلٿ فيسلٽي کي ڪيس بابت چاٽڙ جي هڪ هفتي اندر اماڻيندو.

Process of Notification

11.(1)ضلعي صحت عملدار هيٺين سمورن جي فهرست ٺاهيندو:

ضلعي هيلٿ آفيسر جا اختيار ۽ ڪم

Power and functions District Health Office

(a)نجي هيلٿ پريڪٽيشنرز؛

(b)نجي ڪلينڪس ۽ نجي اسپتالون؛

(c)نجي صحت جون سهولتون فراهم ڪندڙ؛

(d)احاطي جو انچارج؛

(e)ضلعي ۾ برادري جو نمائندو؛

(f)رجسٽرڊ پريڪٽيشنرز ۽

(g)روايتي صحت جون سهولتون فراهم ڪندڙ.

(2)ضلعي صحت عملدار ضلعي ۾ ٽيوبرڪلوسز نوٽيفڪيشن لاءِ ذميدار ماڻهن لاءِ فارمز ۽ پوسٽرز دستياب بڻائيندو.

(3)لوڪل هيلٿ فيسلٽي جو انچارج هن ايڪٽ ذريعي حاصل ڪيل نوٽيفڪيشن ضلعي صحت عملدار کي نوٽيفڪيشن فارم حاصل ڪرڻ جي چوويھ ڪلاڪن دوران فراهم ڪندو، جيڪو ساڳيو فارم صوبائي پروگرامن جي ضلعي ڪوآرڊينيٽر کي نوٽيفڪيشن فارم حاصل ڪرڻ جي چوويھ ڪلاڪن دوران فراهم ڪندو.

(4)ضلعي صحت عملدار اهڙن نوٽيفڪيشنز جي هڪ ڊيٽا بيس جوڙيندو.

(5)ضلعي صحت عملدار سمورن نجي هيلٿ پريڪٽيشنرز نجي ڪلينڪس، نجي اسپتالن، نجي صحت جون سهولتون فراهم ڪندڙن، احاطي جي انچارج ۽ ضلعي ۾ برادري جي نمائندن کي هن ايڪٽ جي گنجائشن کان آگاهه ڪندو.

(6)ضلعي صحت عملدار قومي پروگرام يا صوبائي پروگرامن جي سهڪار سان سمورن پبلڪ ۽ پرائيويٽ هيلٿ پريڪٽيشنرز نجي ڪلينڪن جي انچارج ۽ نجي اسپتالن، نجي صحت جون سهولتون فراهم ڪندڙن، برادري جي نمائندن ۽ ضلعي ۾ احاطن جي انچارج کي هن ايڪٽ جي گنجائشن بابت ڄاڻ ڏيڻ لاءِ سيمينارس ۽ ورڪشاپس جو انتظام ڪندو.

**صوبائي پروگرام جا اختيار ۽ ڪم**

**Power and functions of Provincial Program**

12.(1)نوٽيفڪيشن فارم حاصل ڪرڻ تي صوبائي پروگرام جو ضلعي ڪوآرڊينيٽر بنا دير مريض جي تشخيص، علاج ۽ انتظامن جو انتظام ڪندو.

(2)صوبائي پروگرام جو ضلعي ڪوآرڊينيٽر نوٽيفڪيشن جي گهرجن، ٽيوبرڪلوسز جي نشانين ۽ ٽيوبر ڪلوسز جي ڦهلاءَ کان بچاءَ جي اپائن جو پوسٽر اهڙي هنڌ تي لڳائيندو جتي مريضن کي نظر اچي سگهي ۽ اهي پوسٽرس ضلعي صحت عملدار کي نوٽيفڪيشن لاءِ ذميدار ماڻهن ۾ ورهائڻ لاءِ پڻ فراهم ڪندو.

13.هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي هڪ سال اندر حڪومت جي صحت کاتي جو سيڪريٽري هڪ آن لائين ٽي بي نوٽيفڪيشن سرشتو قائم ڪندو ۽ يونيورسل اسيس نمبر جيڪو ٽيوبرڪلوسز ڪيسن جي نوٽيفڪيشن ڳجهو رکڻ لاءِ هوندو.

آن لائن ٽي بي نوٽيفڪيشن سرشتو ۽ يو اي اين

Online TB Notification System and UAN

## حصو_IV

## دائره اختيار، منظوريون ۽ اپيلون

## Part_IV

## Jurisdiction, Sanctions and Appeals

حصو_IV

دائره اختيار، منظوريون ۽ اپيلون

Jurisdiction, Sanctions and Appeals

14.ڪو بہ شخص جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندو ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جيڪا ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنج سئو هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ:

ڏنڊ

Penalty

بشرطيڪ هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهہ ۾ سزا آيل شخص اهڙي ڏوهہ ۾ ٻيهر ملوث هجي تہ قيد جي سزا ٽن سالن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جي رقم هڪ ملين رپين تائين وڌي سگهي ٿي يا ٻئي گڏ.

15.ڪنهن بہ عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن

ڏوھ جو ازالو
Cognizance of offence

ڏوھ تي ڪارروائي جو اختيار نہ ھوندو، سواءِ ان جي جيستائين صحت کاتي جي سيڪريٽري يا سندس طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل ڪنھن شخص طرفان لکت ۾ شڪايت نہ ڪئي وڃي.

دائره اختيار
Jurisdiction

16. پهرين درجي جي جڊيشل مئجسٽريٽ کي ھن ايڪٽ تحت ڏوھن تي ڪارروائي جو اختيار ھوندو.

رازداري جي ڀڃڪڙي
Breach of confidentiality

17.(1) ڪو شخص جيڪو بہ ٽيوبر ڪلوسز مريض جي سڃاڻپ ظاهر ڪري ٿو جيڪو قانوني طور مريض جي ٽيوبر ڪلوسز کان متاثر ھجڻ بابت ڄاڻڻ جو مستحق نہ ھجي تہ اھو مريض جو راز ظاهر ڪرڻ جو ڏوهي ھوندو.

(2) ڏوھ ثابت ٿيڻ تي عدالت ذيلي دفعہ (1) تحت ڀڃڪڙي ڪندڙ تي ڏنڊ مڙهي سگهي ٿي جيڪو پنجاھ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو پر پنجويھ هزار رپين کان گهٽ نہ ھوندو.

ثبوت جو بار
Burden of proof

18. جڏھن ڪو شخص ھن ايڪٽ جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي شاھدي جو بار اھڙي شخص تي ھوندو جيڪو ھن ايڪٽ جي گنجائشن تي عملدرآمد لاءِ ذميوار ھوندو.

اپيل
Appeal

19.(1) جڊيشل مئجسٽريٽ طرفان سزا ٻڌايل شخص سزا ٻڌائڻ واري تاريخ کان ٽيھن ڏينھن اندر ڊسٽرڪٽ يا سيشن جج جي سامھون اپيل داخل ڪري سگهي ٿو.

(2) جيڪڏھن مطمئن آھي تہ انصاف جون گهرجون

پوريون ناهن ڪيون ويون تہ ڊسٽرڪٽ يا سيشنز جج سزا ختم ڪري يا تبديل ڪري سگهي ٿو، بشرطيڪ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشنز جج لکت ۾ معاملا بيان ڪندو جن جي ڪري سزا کي ختم يا تبديل ڪيو ويو هجي.

## حصو_V

## متفرق گنجائشون

## Part_V

## Miscellaneous Provisions

حصو_V
متفرق گنجائشون
Miscellaneous Provisions

استثنيٰ
Indemnity

20.ڪو بہ مقدمو، قانوني ڪارروائي ڪنهن عملدار خلاف نہ ٿي سگهندي جيڪڏهن هن ايڪٽ يا ان تحت جوڙيل قاعدن تحت مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سٺي نيت سان ڪجهہ ڪيو هجي يا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

21.(1)حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جي گنجائشن کي اثرائتو بڻائڻ جو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن سان ٽڪراءَ کانسواءِ، هن دفعہ تحت جوڙيل قاعدا هيٺين سمورن معاملن يا هيٺين مان ڪنهن بہ معاملي لاءِ فراهم ڪن ٿا:

(i)نوٽيفڪيشن جون مراعتن جي آڇ؛

(ii)هن ايڪٽ تحت پيچيدگين جي جاچ ڪرڻ لاءِ ضلعي صحت عملدار ۽ صوبائي پروگرام جي ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر طرفان اختيار ڪيل طريقيڪار ڪرڻ؛

(iii)نوٽيفڪيشن جي مقصد لاءِ فارمز فراهم ڪرڻ ۽ انهن ۾ ترميم ڪرڻ؛

(iv)ٽيوبرڪلوسز جي سيٽاٽپ جي تصديق لاءِ جوڳيون ٽيسٽون بيان ڪرڻ؛

(v)مخصوص علائقي لاءِ ضلعي صحت عملدار ڪانسواءِ ٻين ماڻهن کي فارم حاصل ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻائڻ؛

(vi)ٽيوبرڪلوسز نوٽيفڪيشن پروسيس دوران اضافي تفصيل بيان ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ؛

(vii)نوٽيفڪيشن فارمز لاءِ انفرادي طور سماجي معاشي حيثيت رکندڙ ماڻهن کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪرائيٽيريا بيان ڪرڻ؛

(viii)ماڻهن جي اضافي درجن کان ٽيوبر ڪلوسز ڪيسن جي معلومات طلب ڪرڻ؛

(ix)واقعاتي، واڌو، لاڳاپيل ۽ منتقلي جي فراهمي سان لاڳاپيل گنجائشون جوڙڻ، جيئن حڪومت مناسب سمجهي.

## شيڊول

## (ڏسو دفعه (2(xvii)

شيڊول

Schedule

فارم_اي

Form_A

**فارم اي**

**Schedule**

**(See Section 2 (xvii)**

**Form A**

**ٽي بي نوٽيفڪيشن فارم رجسٽرڊ ميڊيڪل پريڪٽيشنر طرفان ڀريو ويندو**

| جريان نمبر | نوٽيفائنگ ميڊيڪل پريڪٽيشنر جا تفصيل | تفصيل |
|---|---|---|
| 1. | تجويز ڪندڙ فزيشن جو نالو | |
| 2. | پي ايم ڊي سي رجسٽريشن نمبر | |
| 3. | پتو | |
| 4. | ٽيليفون نمبر | |
| 5. | مريض جي پهرين دوري جي تاريخ / | |
| 6. | بيماري جي سڃاڻ جي تاريخ | |
| 7. | نوٽيفڪيشن فارم موڪلڻ جي تاريخ | |
| | مريض جا تفصيل | |

| | | |
|---|---|---|
| 8. | پيءُ يا مڙس جي نالي سميت مريض جو نالو | |
| 9. | عمر/ڄمڻ جي تاريخ | |
| 10. | جنس | |
| 11. | مذهب | |
| 12. | قوميت/قبيلو/ذات | |
| 13. | فون نمبر | |
| 14. | پتو | |
| 15. | قومي سڃاڻپ ڪارڊ نمبر | |
| 16. | ڏنڌو | |
| 17. | سماجي معاشي حيثيت | |
| | مريض جي ڪلينڪل سمري | |
| 18. | ڪٽنب يا ويجهن مائٽن ۾ ٽيوبر ڪلوسز جي هسٽري | |
| 19. | ان سلسلي ۾ پيهر علاج جي صورت ۾ نقصان، فالو اپ، علاج ۾ ناڪامي يا تبديلي | |
| 20. | نشانيون، کنگهه، بخار، وزن گهٽ ٿيڻ، رات جو پگهر اچڻ | |

| | | |
|---|---|---|
| .21 | اڳوات موجود طبي حالتون ايڊز ڊائبيٽيز | |
| .22 | اسپيوٽم اي ايف بي يا پيا انڪشاف | |
| .23 | جسماني پاڻيات جو ڪلچر | |
| .24 | ريڊيولاجيڪل انڪشاف | |
| .25 | پلمنري يا ايڪسترا پلمنري | |
| | علاج جي هسٽري | |
| .26 | اڳوات استعمال هيٺ دوائون | |
| .27 | تجويز ڪيل دوائون | |

فارم- بي

Form_B

فارم بي

ٽي بي نوٽيفڪيشن فارم رجسترڊ پريڪٽيشنر طرفان ڀريو ويندو

Form B

TB Notification Form to be filled by a Registered Practitioner

| جريان نمبر | صحت جون سهولتون فراهم ڪندڙ سجاڻپ ڪندڙ جا تفصيل | تفصيل |
|---|---|---|

| | | |
|---|---|---|
| 1. | صحت جون سهولتون فراهم ڪندڙ جو نالو | |
| 2. | پريڪٽيشنر جو رجسٽريشن نمبر | |
| 3. | پتو | |
| 4. | ٽيليفون نمبر | |
| 5. | مريض جي معائني جي تاريخ | |
| 6. | بيماري جي سڃاڻپ جي تاريخ | |
| 7. | نوٽيفڪيشن فارم موڪلڻ جي تاريخ | |
| | مريض جا تفصيل | |
| 8. | پيءُ يا مڙس جي نالي سميت مريض جو نالو | |
| 9. | عمر/ڄمڻ جي تاريخ | |
| 10. | جنس | |
| 11. | مذهب | |
| 12. | قوميت/قبيلو/ذات | |
| 13. | فون نمبر | |

| | | |
|---|---|---|
| .14 | پتو | |
| .15 | قومي سڃاڻپ ڪارڊ نمبر | |
| .16 | ڏنڌو | |
| .17 | سماجي معاشي حيثيت | |
| | مريض جي ڪلينڪل سمري | |
| .18 | ڪٽنب يا ويجهن مائٽن ۾ ٽيوبرڪلوسز جي هسٽري | |
| .19 | ان سلسلي ۾ ٻيهر علاج جي صورت ۾ نقصان، فالو اپ، علاج ۾ ناڪامي يا تبديلي | |
| .20 | نشانيون، کنگهه، بخار، وزن گهٽ ٿيڻ، رات جو پگهر اچڻ | |
| .21 | اڳواٽ موجود طبي حالتون ايڊز، ڊائبيٽيز | |
| .22 | اسپيوٽم اي ايف بي يا ٻيا انڪشاف | |
| .23 | جسماني پاڻيات جو ڪلچر | |
| .24 | ريڊيولاجيڪل انڪشاف | |
| .25 | پلمنري يا ايڪسٽرا پلمنري | |

| | | |
|---|---|---|
| .26 | بي ڪا ڪيل ٽيسٽ | |
| | علاج جي هسٽري | |
| .27 | اڳواٽ استعمال هيٺ دوائون | |
| .28 | تجويز ڪيل دوائون | |

فارم–سي

Form_C

## فارم سي

## ٽي بي نوٽيفڪيشن فارم جيڪو مالڪ، ليباريٽري ٽيڪنيشن يا پيٿالاجيڪل ليب جي پيٿالاجسٽ طرفان ڀريو ويندو

## Form C

## TB Notification Form to be filled by the Owner, Laboratory Technician or Pathologist of a Pathological Lab

| جريان نمبر | سڃاڻپ ڪندڙ شخص جا تفصيل | تفصيل |
|---|---|---|
| .1 | پيٿالاجيڪل ليباريٽري جي انچارج/پيٿالاجسٽ جو نالو | |
| .2 | عهدو | |
| .3 | قابليت | |
| .4 | پتو | |

| | | |
|---|---|---|
| .5 | ٽيليفون نمبر | |
| .6 | نمونو وٺڻ جي تاريخ | |
| .7 | ٽيسٽ وٺندڙ شخص جو نالو ۽ عهدو | |
| .8 | نوٽيفڪيشن فارم موڪلڻ جي تاريخ | |
| | مريض جا تفصيل | |
| .9 | پيءُ يا مڙس جي نالي سميت مريض جو نالو | |
| .10 | عمر /ڄمڻ جي تاريخ | |
| .11 | جنس | |
| .12 | فون نمبر | |
| .13 | پتو | |
| .14 | قومي سڃاڻپ ڪارڊ نمبر | |
| | مريض جي ڪلينيڪل سمري | |
| .15 | نشانيون، ڪنگهه، بخار، وزن گهٽ ٿيڻ، رات جو پگهر اچڻ | |
| | ڪيل ٽيسٽ جا نتيجا | |

| | | |
|---|---|---|
| .16 | اسپيوٽم جا مائڪرو اسڪوپڪ نتيجا | |
| .17 | ٻئي ڪنهن پاڻياٺ جا مائڪرو اسڪوپڪ نتيجا | |
| .18 | اسپيوٽم جو ڪلچر | |
| .19 | جسم جي پاڻياٺ جو ڪلچر | |

فارم ڊي

ٽي بي نوٽيفڪيشن فارم جيڪو ڪنهن احاطي جا انتظام سنڀاليندڙ انچارج يا برادري جي ڪنهن نمائندي طرفان ڀريو ويندو

فارم۔ڊي

Form_D

Form D

TB Notification Form to be filled by those In Charge of Managing a Premises and by a Community Representative

| جريان نمبر | سڃاڻپ ڪندڙ شخص جا تفصيل | تفصيل |
|---|---|---|
| .1 | نالو | |
| .2 | عهدو | |
| .3 | پتو | |

| | | |
|---|---|---|
| 4. | ٽيليفون نمبر | |
| 5. | تاريخ جڏهن شخص کنگهه ۽ بخار جون نشانيون محسوس ڪرڻ شروع ڪيون | |
| 6. | نوٽيفڪيشن فارم موڪلڻ جي تاريخ | |
| | مريض جا تفصيل | |
| 7. | پيءُ يا مڙس جي نالي سميت مريض جو نالو | |
| 8. | عمر/ڄمڻ جي تاريخ | |
| 9. | جنس | |
| 10. | فون نمبر | |
| 11. | پتو | |
| 12. | قومي سڃاڻپ ڪارڊ نمبر | |
| | مريض جي ڪلينيڪل سمري | |
| 13. | نشانيون، کنگهه، بخار، وزن گهٽ ٿيڻ، رات جو پگهر اچڻ | |
| | ڪيل ٽيسٽ جا نتيجا | |

| | | |
|---|---|---|
| .14 | ڇاڻايو جيڪڏهن ڪي ٽيسٽ ڪيا ويا هجن | |

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**